شخصيت سيريز

# مشهور حڪمران



سهيڙيندڙ
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مشهور حڪمران

سهيڙيندڙ:

نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب جا هر قسم جا حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 1995ع
ٻيو ڇاپو: 1999ع
ٽيون ڇاپو: 2014ع
چوٿون ڇاپو: 2018ع
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي

ملهه: 100 روپيا

# فهرست

حضرت سليمان عليہ السلام ........ 3
چندر گپت موريا ........ 5
جوليئس سيزر ........ 7
اموي خليفو وليد ........ 11
محمد (ٻيو) ........ 14
اڪبر اعظم ........ 16
ڄام نظام الدين (ڄام نندو) ........ 18
ابراهام لنڪن ........ 21
سن ياتسين ........ 23
چرچل ........ 26
ذوالفقار علي ڀٽو ........ 29

Jeay Sindh

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
سنڌيڪا اڪيڊمي B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03013431537 _03352233803
سنڌيڪا بوڪ شاپ، مدني شاپنگ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039
سنڌيڪا بوڪ شاپ، رمضان بروهي مارڪيٽ، نوشهروفيروز. فون: 03022917397
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300_2827848 _ مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو
۽ ٻيا سنڌ جا وڏا بوڪ اسٽور

لکپڙهہ لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400
فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org
اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com


Scanned with CamScanner

# حضرت سليمان عليہ السلام

977_1050 ق_م



قرآن ڪريم جي سورت سبا ۾ حديثن ۾ پوري وضاحت سان آيل آهي تہ حضرت سليمان عليہ السلام رڳو عام عادل بادشاهہ نہ پر خدا جو جليل القدر پيغمبر بہ هو.

حضرت سليمان عليہ السلام پنهنجي پيءُ حضرت دائود جي تخت تي ويٺو. حضرت دائود پنهنجي زندگي هڪ ريدار جي حيثيت ۾ شروع ڪئي، پر وفات هڪ اهڙي بادشاهہ جي حيثيت ۾ ڪئي، جنهن جي شهنشاهي مصر کان وٺي فرات نديءَ تائين پکڙيل هئي.

حضرت سليمان عليہ السلام پنهنجي شهنشاهي وچائڻ جو ڪو بہ خطرو نہ ڪنيو. بحري ٻيڙا رکندڙ رياستن ۾ پاڙيسرين سان سڱابندي وسيلي ناهہ ڪري ڇڏيائين. حضرت سليمان عليہ السلام فوجي اهميت وارن هنڌن تي چانوٽيون ٺهرايون ۾ اتي فوجون، گهوڙا ۽ رٿ گاڏيون رکيائين. انتظامي ۽ واپاري مفادن کي بچائڻ لاءِ هن ٻاهرين علائقن ۾ بني اسرائيل جون ڪالونيون ٺهرائي کين اتي رهايو.

سازشن کي روڪڻ لاءِ حضرت سليمان عليہ السلام جي زماني ۾ اسرائيل کي ٻارنهن انتظامي ضلعن ۾ اهڙي طرح ورهايو ويو هو جو انهن جون سرحدون پراڻن قبيلائي حدن کي ورهائيندي انهن منجهان لنگهيون. هر ڪنهن ضلعي تي اٽڪل پنج هزار ماڻهن تي مشتمل شاهي گهراڻي کي هر سال هر هڪ مهيني لاءِ کاڌو مهيا ڪرڻ جو بار رکيل هو.

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سليمان جي شهنشاهيت بنيادي طور هڪ اوپاري سلطنت هئي، جنهن آفريڪا، ايشيا ۽ يونوچ سمنڊ جي تجارتي رستن جي وچ ۾ هئڻ ڪري، پنهنجي اهميت مان پورو پورو فائدو ورتو. پنهنجين حدن مان لنگهندڙ قافلن تي حضرت سليمان عليہ السلام محصول لاڳو ڪيو. هو پنهنجو مال انهن وٽ وڪڻندو هو ۽ ڪانئن سامان خريد ڪري، ڪنهن ٻئي هنڌ نفعي تي وڪڻندو هو. ٻين ماڻهن کي جنهن وکر جي گهڻي ضرورت هوندي هئي تن وٽ هو اسرائيلي مال جهڙوڪ، ٽامو پڻ وڪڻندو هو.

تي سگهي ٿو ته سبا جي راڻي پڻ سليمان سان واپار ڪيو هجي. سبا جو ملڪ ڳاڙهي سمنڊ سان لڳو لڳ يا ته ڏکڻ عربستان ۾ يا وري اوپر آفريڪا ۾ هو. اوپر ڏانهن ويندڙ ساموندي رستا راڻيءَ جي قبضي ۾ هئا ۽ هوءَ سون، مصالحن ۽ قيمتي پٿرن جهڙين شين جو واپار ڪندي هئي. حضرت سليمان عليہ السلام ۽ راڻي پاڻ ۾ شادي ڪري ورتي. انهن کي هڪڙو پٽ ڄائو جنهن حبش جي بادشاهيءَ جو بنياد وڌو. بائيبل صرف ايترو ٻڌائي ٿو ته راڻي، سليمان جي سياڻپ ۽ دولت جي واکاڻ ٻڌي هئي، تنهن ڪري سندس تجسس ايترو وڌيو جو هوءَ شاهي حيثيت سان ساڻس ملڻ وئي. سوالن وسيلي سندس سياڻپ جو امتحان ورتائين ۽ سبا ڏانهن موٽڻ کان اڳ ساڻس قيمتي سوکڙين جي ڏي وٺ ڪيائين.

واپار مان ٿيندڙ نفعي کي حضرت سليمان عليہ السلام تمام گهڻن اڏواتي ڪمن ۾ لڳائيندو رهيو جن ۾شهر، قلعا، ڏيساور مان ايندڙ واپارين ۽ ايلچين لاءِ گهر ٺهرائڻ شامل هئا. پر انهن مان سڀ کان گهڻو خزانو هڪ محل، مشهور توبهہ زاري واري پٽ، ۽ اسرائيل جي گادي واري هنڌ يروشلم ۾ هڪ عاليشان ديول جي اڏوات تي خرچ ٿي ويو.

حضرت سليمان عليہ السلام جيستائين جيئرو هو پنهنجي سلطنت کي ٽٽڻ نہ ڏنائين. پر سندس پٽ ريهوبوئم ايترو طاقتور ۽ قابل ماڻهو نہ هو جو پنهنجي پيءُ جي سلطنت کي متحد رکي سگهي. اسرائيل جا ڏهہ اترادي قبيلا ملڪ کان ڇڃي ڌار ٿي ويا، جنهن ڪري ملڪ ٻن مخالف حصن ۾ ورهائجي ويو يعني اسرائيل ۽ يهودا. جيڪي پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڌارين قومن ٻنهي کي فتح ڪري ورتو.

حضرت سليمان عليہ السلام واري ديول لڳ ڀڳ چار سئو سالن تائين سلامت بيٺي هئي. انهيءَ ديول جي ڪري، يروشلم اسرائيل جي اولاد لاءِ گادي وارو هنڌ نہ هوندي بہ سندن روحاني مرڪز رهندو آيو. بابلين 580 ق-م ۾ انهيءَ ديول کي تباهہ ڪري ڇڏيو پر پنجهٺ سالن کان پوءِ ان کي وري ٺاهيو ويو. سن 20 ق-م ۾ رومي حاڪم هيروڊ انهيءَ کي وڌائڻ ۽ بحال ڪرڻ جو ڪم شروع ڪرايو. رومي شهنشاهہ تحوتمش هيروڊ جي ٺاهيل ديول سن 70 عيسوي ۾ تباهہ ڪري ڇڏي، اها وري ڪڏهن بہ ٺهي نہ سگهي، پر جنهن ٿلهي تي اها بيٺي هئي، تنهن جي اولهہ واري پٽ برقرار رهي.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چندر گپت موريا

297_221 ق_م



چندر گپت موريا جي ڄم ۽ ٻالپڻ جي بنياد ۽ اوائلي زندگيءَ تي پردو پيل آهي. ھڪڙي ڏند ڪٿا مطابق ھو ھڪ غلام ھو ۽ ٻي ڏند ڪٿا ٻڌائي ٿي ته ھو ڪنهن بادشاھ جو ناجائز پٽ ھو ۽ ٽين ڏند ڪٿا ۾ ڄاڻايل آهي ته ھو ھڪ ياڙيتو سپاھي ھو. پر سندس زندگيءَ جي پوئين حصي بابت ڪافي ڄاڻ ملي ٿي. جنهن مطابق چندر گپت مگڌ جي بادشاهيءَ تي قبضو ڪيو جيڪا وچ اوڀر هندستان ۾ هئي ۽ ان کي وڌائي قديم هندستان جي سڀ کان وڏيڪ وسيع ۽ عظيم ترين شهنشاهي ۾ بدلائي، موريا گهراڻي جو پايو وڌائين.

پراڻي زماني ۾ "ٻڌ ڌرم" ۽ "جين مت" جا باني مگڌ (رياست) ۾ رهندا هئا. جيڪا هڪ آريائي بادشاهت هئي. نندا خاندان جي هڪ ماڻهو اصلي حڪمرانن کي ريٽي اٽڪل 363 ق-م ۾ آريان تي قبضو ڪيو. نندا ۽ سندس پٽ جيتوڻيڪ قابل حڪمران هئا، پر ساڳئي وقت ظالم به هئا. هنن رعايا تي ڳرا محصول مڙهي تمام وڏو خزانو هٿ ڪيو هو ۽ انهيءَ خزاني جي زور تي هڪ وڏو لشڪر تيار ڪيو هئائون. نندا حڪمرانن ۾ تخت جي وارثيءَ تي جڏهن جهيڙو ٿيو ۽ اهي ڪمزور ٿيا. تڏهن لڳي ٿو ته چندر گپت انهن خلاف بغاوت ڪئي. ٿي سگهي ٿو ته سندس مدد چاڻڪيا به ڪئي هجي، جيڪو هڪ چالاڪ ۽ بي رحم برهمڻ هو. چاڻڪيا چندر گپت کي فوجي گُر سيکاريا ۽ هڪ ياڙيتو فوج ٺاهڻ ۾ نه صرف سندس مدد ڪيائين پر نندا بادشاھ سان هڪ ڇتي لڙائي کان پوءِ چندر گپت جڏهن ڪامياب ٿيو تڏهن پنهنجن سمورن مخالفن جو خاتمو آڻي ڇڏيائين ۽ هڪ سخت ضابطو رکندڙ انتظاميا قائم ڪيائين. جنهن لاءِ هن ايران جي دارا پهرين جي گهڻن طريقن جي پيروي ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اتر اولهه هندستان جي فتح ڪانپوءِ ٿورڙي ئي عرصي ۾ سڪندر اعظم وفات ڪري ويو جنهن ڪري چندر گپت کي پنهنجي بادشاهيءَ کي شهنشاهيت ۾ بدلائڻ جو وجهه ملي ويو. سڪندر هندستان ۾ پنهنجا نمائندا ڇڏي ويو هو پر اهي پنهنجي اڳواڻ جي موت کان پوءِ ملڪ ڇڏي هليا ويا ۽ انهيءَ ڇڏيل ملڪ تي چندر گپت قبضو ڪري ورتو. بعد ۾ سڪندر جي جنرلن مان سيليوڪس نالي هڪ جنرل، جيڪو سڪندر جي شهنشاهيت جي اپرندي پاڳي جو حاڪم هو تنهن هندستاني علائقا واپس وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چندر گپت ساڻس جنگ ڪري کيس واپس ڌڪي ڇڏيو ۽ کيس امن معاهدي ڪرڻ تي مجبور ڪيائين. انهيءَ امن معاهدي تي 303 ق-م ۾ صحيحون ٿيون. معاهدي مطابق سيليوڪس کي ڪجهه هاٿين جي عيوض، افغانستان جو ڪجھ حصو چندر گپت جي حوالي ڪرڻو پيو.

اولهندي پاڳي تي پنهنجي قبضي مضبوط ڪرڻ کانپوءِ، چندر گپت پنهنجي شهنشاهيت کي اوڀر ۾ بنگال تائين ۽ ڏکڻ ۾ ونڌيا جبلن يا شايد انهن کان بہ پرڀرو وڌائي ڇڏيو. هن اجوڪي پٽنا جي پرسان پتالي ۾ هڪ عاليشان محل جوڙايو. پنهنجي 24 سالن واري حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ چندر گپت هڪ جيني پروهت کان متاثر ٿيو جنهن اڳڪٿي ڪئي تہ ٻارنهن سالن تائين ڏڪار هلندو. جڏهن ڏڪار پيو ۽ چندر گپت پنهنجي ماڻهن جي اهنجن لاهڻ لاءِ ڪجهه نہ ڪري سگهيو تڏهن هو تخت تان هٿ ڪڍي ڏکڻ اولهہ هندستان ۾ وڃي هڪ جيني مندر ۾ گوشہ نشين ٿيو ۽ مرڻ ورت (آخري دم تائين روزو) رکيائين. جنهن سندس حياتيءَ جو انت آندو. شهنشاهي تخت تي سندس پٽ بندوسر ويٺو جنهن ان کي ڏکڻ تائين وڌائي ڇڏيو ۽ هڪ برجستو انتظامي سرشتو قائم ڪيائين.

بندوسر کان پوءِ شهنشاهي اشوڪا کي ملي، جيڪو موريا گهراڻي جو عظيم ترين شهنشاهہ ثابت ٿيو. اشوڪا هڪ فاتح جي حيثيت سان پنهنجي شهنشاهيءَ جي شروعات ڪئي ۽ ذري گهٽ سڄي هندستان کي پنهنجي شهنشاهيت ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. سندس حڪومت اتر ۾ هماليہ جبلن کان شروع ٿي ڏکڻ ۾ هندي وڏي سمنڊ تائين ۽ ايران جي سرحدن کان شروع ٿي بنگال جي اپ سمنڊ تائين ڦهلجي وئي، پر خاص ڪري هڪ خونريز لڙائيءَ کان پوءِ اشوڪا کي انهن فوجين جي موت تي گهرو دلي صدمو ٿيو جيڪي سندس هٿان مئا هئا. هُن جنگ نہ ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ ٻڌ ڌرم اختيار ڪندي تشدد جي نندا ڪئي. ٻڌ ڌرم جون مڙهيون ۽ استوپا ٺهرايائين ۽ ٻڌ ڌرم جي پڪشوئن کي شام، مصر ۽ يونان ڪانسواءِ سريلنڪا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جهڙن ڏورانهن علائقن ڏانهن اهنسا جي پرچار لاءِ موڪليائين. اشوڪا جي حڪومت ۾ هندستان خوشحال ملڪ بڻيو ۽ ٻڌ ڌرم آهستي آهستي بين الاقوامي مذهب ٿي پيو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جوليئس سيزر

100_40 ق-م



جوليئس سيزر قديم روم جي عظيم ترين فوجي ۽ ملڪي مدبرن مان هڪ هو. سندس زندگي گهڻو ڪري خطرن سان ڪيڏندي گذري جواني ۾ سينيٽ جي قدامت پسند ميمبرن ۽ سندس طاقتور اڳواڻ سُولا خلاف هن جڏهن سڌارڪن جو پاسو ورتو تہ ڪيس پڄي جان بچائڻي پيئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن هو جلسن ۾ تقرير ڪرڻ جو فن سکڻ لاءِ رهوڊس وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ سامونڊي ڌاڙيلن ڪيس قابو ڪري ورتو. اڃا بہ پوءِ واري زماني ۾ جڏهن هو گال ۾ جنرل هو تڏهن هن وحشي قبيلن خلاف لشڪر جي اڳواڻي ڪئي ۽ گهڻو ڪري سڄي يورپ کي روم جي قدمن تي آڻي ڪيرايائين. پنهنجي بي پناهہ شڪتي ۽ حالتن کي اڳواڻ پروڙي وٺڻ جي خاصيت جي ڪري هو 60 ورهين جي ڄمار تائين پنهنجي موت کي ٽاريندو رهيو پر نيٺ موت جي فرشتي ڪيس اهڙي هنڌ اچي جهليو جتي هوند هن کي سلامت رهڻ کپندو..... ۽ اهو هنڌ هو روم جو سينيٽ. جتي هو اِدز (15 مارچ) جي اجلاس دوران پنهنجن انهن دوستن ۽ رفيقن جي خنجرن جي وارن سان قتل ٿي ويو جيڪي سندس آمراڻي اختيارن استعمال ڪرڻ ڪري ڪائنس ڪاوڙجي پيا هئا.

سيزر جيڪو روم جي هڪ معزز آکهہ جو غيرمعروف فرد هو تنهن پنهنجي جوانيءَ جي اوائلي ڏينهن ئي ۾ سياست ۾ ڀهرو وٺڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. هو اڃا 18 ورهين جي ڄمار جو هو تہ هڪ سڌارڪ اڳواڻ جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين ۽ سندس سڌارڪ خيالن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کان هرڪو واقف ٿي چڪو هو. سُولا ڪانئس گهر ڪئي ته سڌارڪ اڳواڻ جي ڌيءَ يعني پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ڇڏي. سندس انڪار ڪرڻ تي هن ڪيس پڄائي جلاوطن ڪري ڇڏيو تنهن ڪري هن کي سياست شروع ڪرڻ ۾ دير لڳي وئي. سُولا جي موت ڪانپوءِ سنه 76 ق-م ۾ هو جڏهن روم موٽي آيو ته ان وقت سياست جي ڏاڪڻ تي چڙهڻ شروع ڪيائين. 62 ق-م تائين هو پرئڪٽر جي عهدي لاءِ چونڊجي ويو جيڪو رومي سرڪار ۾ ٻيو نمبر وڏو عهدو هوندو هو. ٻئي سال کيس ڏورانهن اسپين (اندلس ۽ پورچوگال) جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سيزر انهيءَ عهدي کي ٻين گهڻن رومي گورنرن وانگر فوجي چڙهايون ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ گهڻوئي مال غنيمت هٿ ڪيائين. انهيءَ دولت جي آڌار تي ئي هو 59 ق-م ۾ ڪائونسلري جي چونڊن ۾ اميدوار بيٺو ۽ کٽيائين.

انهيءَ عهدي تي رهندي سيزر پومپي نالي هڪ مقبول ۽ ڪامياب جنرل کي پنهنجو وفادار بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو جنرل ڪنهن زماني ۾ سُولا جو طرفدار هو. سيزر زور ڀري سينيٽ کي مجبور ڪيو ته هو پومپي جي رٽائرڊ سپاهين کي زمين ڏي. انهيءَ ڪانپوءِ سيزر ڪراسس کي انهيءَ ٻڌي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪري ته-ياري قائم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڪراسس پومپي جو هڪ پراڻو مخالف، مکيه ملڪي مدبر ۽ روم جو سڀ کان شاهوڪار ماڻهو هو. جڏهن سيزر جو ڪائونسل طور هڪ سال جو مدو پورو ٿيو تڏهن هن روم ۾ پنهنجا سياسي معاملا پنهنجن ٻنهي ساٿين جي حوالي ڪيا ۽ پرو ڪائونسل جو عهدو ماڻڻ لاءِ گال ڏانهن روانو ٿي ويو.

گال ۾ سيزر کي پنهنجي فوج ٺاهڻ ۽ ان وسيلي فتحون ڪري شان و شوڪت ماڻڻ ۽ مالي فائدا حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. هن انهيءَ موقعي جو پورو پورو فائدو ورتو. سن 50 ق-م تائين هن اٽليءَ جي سرحد کان وٺي رائن تائين سڄي گال کي فتح ڪري ورتو ۽ ان ۾ ٿاپر آڻي، اتي چڱي طرح رومي قبضو ڄمايو. هن جي فتحن ۾ ڪجهه ته سندس فوج جي وفاداريءَ جو هٿ هو جيڪا سندس دليريءَ ۽ مهارت جي ڪري کيس عزت جي نظر سان ڏسندي هئي ۽ انهن ۾ سندس بر وقت فيصلي ڪرڻ جي خاصيت ۽ فوج کي اتساهه ڏيارينڊڙ گرن جو عمل دخل پڻ هو. گهڻو ڪري پنهنجي دشمنن مٿان اوچتو وڃي ڪڙڪندو هو ۽ کين پاڻ بچائڻ جو موقعو به نه ڏيندو هو. گال جي قبيلن جي پاڻ ۾ اڻبڻت به سندس فتحمندي جو ڪارڻ هئي. هن جرمني ۽ برطانيا تي به حملو ڪيو پر گهٽي فوج نه هئڻ ڪري انهن ملڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي رومي شهنشاهيت ۾ شامل ڪري نہ سگهيو.

گال ۾ سيزر جيڪي فتحون ڪيون تن رومين کي ڏاڍو متاثر ڪيو پر سندس ساٿين پومپي، سيزر جي وڌندڙ طاقت ۽ ڏاڪي کان ڊڄي ويو ڇو تہ انهيءَ سان سندس گهٽتائي پئي ٿي. ڪراسس بہ انهيءَ صورتحال تي بيچين ٿي رهيو هو پر سيزر سياٽپ ڪري ٽـ-ياريءَ ۾ پيدا ٿيل اختلاف ختم ڪرايا ۽ اها ٽي-ياري ايستائين برقرار رهي جيستائين هن گال ۾ پنهنجون جنگيون مڪمل ڪري نہ ورتيون. ڪراسس انهيءَ وقت تائين اوڀر ۾ پارٿين سان وڙهندي مارجي چڪو هو. هاڻي مقابلي ۾ صرف پومپي ۽ سيزر وڃي بچيا هئا.

پومپي ۽ سيزر ٻنهي وٽ فوجون هيون. ٻنهي مان ڪو بہ پنهنجين فوجن تان اوستائين هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هو جيستائين ٻي ڌر بہ ائين نہ ڪري. سينيٽ جڏهن پومپي جي پٺڀرائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سيزر کي پنهنجي ڪمانڊ ڇڏڻ جو حڪم ڪيو. تڏهن هن انڪار ڪندي اعلان ڪيو تہ مان پنهنجو ورتل ڏڳ ڇڏي نٿو سگهان هن پنهنجي فوج وٺي هڪ ننڍي ندي وربيڪان پار ڪئي، جيڪا اٽلي ۽ گال جي وچ ۾ سرحد جو ڪم ڏيندي هئي. ائين ڪرڻ سان بہ ڌريون ٺهي پيون. هڪ ڌر سيزر کي پنهنجو حڪمران ٿي مڃيو ۽ ٻي ڌر بدعنوان ۽ نالائق سينيٽ جي اختيار هيٺ قائم جمهوري حڪومت جي حامي هئي. ٻنهي ڌرين ۾ گهرو لڙائي ڇڙي پئي. پومپي جي هٿ هيٺ وڙهندڙ سينيٽ جي حامي فوجن شڪست کاڌي ۽ سيزر جي اڳتي وڌڻ ڪري اٽلي مان ڀاڄ کائي وڃي يونان پهتيون. يونان ۾ ٻنهي ڌرين وچ ۾ جيڪا پهرين ڇڪري لڳي، تنهن ۾ سيزر جي فوج جا پير اکڙي ويا پر هن فارسلا پرسان جنگي اهميت جي هڪ هنڌ تي پنهنجي فوجين کي وري ڪٺو ڪيو. پومپي جي فوجين جڏهن ٻيهر حملو ڪيو تہ کين ڇيڀاٽيو ويو. پومپي هن دفعي ڀاڄ کائي وڃي مصر مان نڪتو جتي مارجي ويو پر سندس فوجن تيونس تي حملو ڪيو. سيزر مصر تائين سندن پيڇو ڪيو جتي هن جي ملاقات قلوپطره سان ٿي. هن فيصلو ڪيو تہ شام ۽ پونٽس (ترڪي) رستي پنهنجي ملڪ موٽڻ کان اڳ هو اتي آرام ڪندو. ترڪي ۾ هن بغاوتن کي ختم ڪري ڇڏيو. هن پونٽس واري پنهنجي فتح کي هيٺين ٽن لفظن ۾ بيان ڪيو. ”ويني، وڊي، وسي“ (آيم، ڏٺم، فتح ڪيم“)

سيزر 47 ق-م ۾ روم ڏانهن موٽيو. هاڻي هن هڪ آمر جي حيثيت ۾ شهنشاهيت کي محفوظ ڪرڻ ۽ ان جي انتظامي جوڙجڪ کي نئين سر جوڙڻ جي ڪجهہ رٿائن تي ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ شروع ڪيو جن مان ڪن تي پوءِ سندس جانشين پڻ عمل ڪيو. پر ڪيس ٻه دفعا پومپي جوڙجڪ لاءِ ڪيس هڪ سال ڪان ٻه گهٽ مدو مليو هو. 44 ق-م ۾ جڏهن پارٽيا خلاف هڪ مهم جي رٿابندي ڪري رهيو هو جيڪا جيڪڏهن عمل هيٺ اچي ها ته تي سگهي ٿو ڪجهه ٻيو اوپرنديون علائقو ٻه سلطنت ۾ اچي وڃي ها. تڏهن سندس سٺ مخالفن جي هڪڙي جٿي ڪيس مارڻ جي رٿا تي عمل ڪيو. اهي سندس وڌندڙ مغروري ۽ آپيشاهي طريقا اختيار ڪرڻ سبب فڪرمند ٿي پيا هئا.

ڪنهن کي ٻه پڪ ناهي ته ڪهڙن سببن جي ڪري سيزر تاريخ جي مشهور ترين ماڻهن ۾ ليکجي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته سندس مشهوري جو ڪارڻ سندس ڪتاب هجن. انهن ڪتابن مان نه صرف گال جي جنگين ۽ گهرو جنگين جو حال احوال ملي ٿو پر ادبي لحاظ کان ٻه ڪافي اهميت رکن ٿا. يا ٿي سگهي ٿو ته هن جي مشهوري جو سبب سندس فوجي ڌهڪاءُ، پنهنجن دشمن سان سندس دريادلي وارو ورتاءُ يا اهو گر هجي جنهن سان هن سياسي عهدو حاصل ۽ استعمال ڪيو. سڀ کان گهڻو امڪان انهيءَ ڳالهه جو آهي ته هن يورپ جي تاريخي وهڪري تي جيڪي اثر ڇڏيا آهن تنهن سبب ڪيس مشهوري ملي هجي. گال کي فتح ڪري هن يورپ کي يونان ۾ روم جي تهذيب اثر هيٺ آندو. جهرندڙ جمهوري حڪومت کي تباهه ڪري، هن شهنشاهه ٿيڻ جو رستو صاف ڪيو ۽ رومن شهنشاهيت جي تخليق ۽ جياپي کي ممڪن ڪري ڏيکاريو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اموي خليفو وليد

705_769ع



اموي خليفو عبدالملڪ، جنهن ڪي عربن جو شارلمين سڏيو ويندو آهي، 705ع ۾ وفات ڪري ويو. جنهن ڪانپوءِ سندس انتهائي هوشيار پٽ وليد تخت تي ويٺو. وليد جي دؤر ۾ عربن جي حڪومت تمام گهڻي پکڙجي وئي ۽ اُها اولهه ۾ اسپين ۽ ڏاکڻين فرانس تائين، اوڀر ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ ڏاکڻين پنجاب تائين ۽ اتر ۾ ٽرانزڪسيانا ۽ ترڪستان تائين قائم ٿي وئي. انهن ملڪن ۾ جيڪا به مزاحمت ٿي، تنهن کي عظيم ترين مسلم فاتحن طارق، قاسم ۽ قطيبيه ختم ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وليد جو دؤر اموي خلافت جو سونهري دور لکيجي ٿو جنهن ۾ هر پاسي ترقي ٿي. هن ٽن پاسن ۾ فتحن جو اهڙو سلسلو شروع ڪرايو جنهن جو هن کان اڳ ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي. انهن فتحن سان عربن جي حڪومت پري پري تائين پکڙجي وئي. هن اهڙي تہ ڏاهي ۽ مضبوط انتظاميا قائم ڪئي، جنهن کيس پنهنجو ڏيان سماجي ۽ عوامي بهبود جي ڪمن تي لڳائڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو.

وليد جي شهرت جو ڪارڻ مسلمانن جون اهي شاندار فتحون آهن، جن جي ڪري اموي سلطنت جون حدون اولهہ ۾ پائرنيز جبلن کان وٺي اوڀر ۾ چين تائين، ۽ اتر ۾ ڪاشغر کان وٺي ڏکڻ ۾ نيل نديءَ تائين وڃي پهچيون.

موذارين جو سردار قطيبيہ بن مسلم بهيلي، جنهن کي خراسان جو نائب ناظم (ڊپٽي گورنر) مقرر ڪيو هو سو حڪمت عملي ٺاهڻ جو ماهر ۽ قابل سپهہ سالار هو. هن ٽرانزڪسيانا فتح ڪيو ۽ سڄي وچ ايشيا کي زبردست بڻائي وڃي ڪاشغر تائين دنگ ڪيائين. هن بخارا، ثمرقند ۽ فرغانہ جهڙن اهم شهرن تي قبضو ڪيو.

هڪ وڏي فوجي مهم ذريعي، ان وقت جي سڀ کان سگهاري هندستاني حاڪم، ديبل جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏئي، پورو علائقا مسلم سلطنت سان ملائي ڇڏيو. هو سنڌو ماٿريءَ ۾ وچ وانگي اڳتي وڌندو رهيو رستي ۾ ٿيندڙ هر مزاحمت کي ختم ڪندو ويو ۽ ٻن سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾ ملتان تائين سڄي هيٺين سنڌو ماٿري فتح ڪري ورتائين. محمد بن قاسم ڏاکڻين پنجاب جو وڏو حصو مسلم سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ بياس تائين وڃي پهتو. هن فتح ڪيل علائقي ۾ عام ماڻهن جي ڀلائي واري حڪومت قائم ڪئي، جنهن کيس پنهنجي مسلم توڙي غير مسلم رعايا ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو.

پر وليد جي زماني جي سڀ کان وڏي فوجي مهم موسيٰ بن نصير جي اڳواڻيءَ ۾ اتر الهندي آفريڪا ۾ ٿي. موسيٰ بن نصير هڪ يمني ۽ اموي سلطنت پاران آفريڪا جو وائسراءِ هو جنهن بربرن جي بغاوت کي سختيءَ سان چيڀاٽي، سڄي اتر آفريڪا ۾ ٿاپر آندي هئي. اتر الهندي آفريڪا واري مهم ۾ سندس قابل مددگار طارق بن زياد پڻ پاڻ ملهايو.

مسلم آبادين تي يونوچ سمنڊ کان بازنطيني حملا ڪندا هئا، تنهن ڪري موسيٰ انهن خلاف فوجي جٿا موڪليا، جن ميجارڪا، مائنازڪا ۽ آئيويڪا جا ٻيٽ فتح ڪيا. اهي ٻيٽ ٿوري عرصي اندر مسلمانن جي حڪومت هيٺ خوشحال ٿي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زياد جو پٽ طارق، موسيٰ جو هڪ قابل نائب هو. هُو 30 اپريل 711ع تي پنهنجي ننڍي فوج سان هڪ ٽڪري تي وڃي لٿو جيڪا هاڻي سندس نالي پٺيان جبل الطارق (جبرالٽر) سڏجي ٿي. هن پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ پنهنجيون ٻيڙيون ساڙي ڇڏين. اهڙي طرح سندن موٽڻ جي ڪا اميد نہ رهي. گاداڪيوير جي ڪنارن تي سيپٽمبر 711ع ۾ هڪ خونريز جنگ لڳي، جنهن ۾ راڊرڪ جي وڏي فوج کي طارق جي اڳواڻيءَ ۾ مسلمانن جي ننڍي فوج شڪست ڏيئي ڇيپاڻي ڇڏيو. گوٿن جي اسپين جا شهر هڪ ٻئي پٺيان پنهنجا در مسلم فاتح لاءِ ويا کوليندا. طارق کي اسپين ۾ ڇڏي موسيٰ فرانس ۾ ٽپي پيو ۽ جلد ئي ڏاکڻين فرانس جو چڱو موچارو حصو مسلم سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. پائرنيز جبلن تي بيهي هن بهادر وائسراءِ سڄي يورپ کي فتح ڪرڻ جو عزم ڪيو. جيڪڏهن وليد کيس واپس نہ گهرائي ها تہ شايد هو پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها. ان وقت اولهہ مڪمل طرح سندس قدمن ۾ هو. بنو اميہ جي محتاط ۽ ابهري پاليسيءَ سببان مسلمان يورپ کي فتح ڪرڻ جو سونهري موقعو وڃائي ويٺا.

وليد اموي گهراڻي ۾ سڀ کان وڏو اڏيندڙ ليکجي ٿو. هن دمشق جي جامع مسجد ٺهرائي. يروشلم ۽ مديني جي مسجدن کي خوبصورت ۽ ويڪرو ڪرايائين. هن جي هدايتن تي هر شهر ۾ مسجدون ٺهرايون ويون. هن عاليشان عمارتون، جهجها باغ ۽ تازگي بخشيندڙ ڦوهارا ٺهرائي، گادي واري شهر دمشق کي خوبصورت بڻايو. شهر ۾ ويڪرا رستا ٺهرايا ويا هئا، جن جي ڪنارن تي گهاٽا وڻ ۽ ڪسيون هونديون هيون. هن سرحدن جي حفاظت لاءِ قلعا ٺهرايا ۽ سڄي سلطنت ۾ رستا ۽ کوهہ ٺهرايائين. هن اسڪول، اسپتالون، يتيم خانا ۽ غريبن لاءِ گهر ٺهرايا. هن پنگلن ۽ غريبن کي سرڪاري خزاني مان وظيفا ڏئي بي ترتيب خيرات بندي ڪرائي ڇڏي، هن نابينن، معزورن ۽ چرين لاءِ اجها ٺهرايا، جتي هنن جي سار سنڀال رياست طرفان مقرر ٿيل خدمتگار ڪندا هئا. هو پاڻ بازارن ۾ وڃي قيمتن ۾ ٿيندڙ گهاٽي- واڌي کي جاچيندو هو.

وليد نَوَ سال ست مهينا شاندار نموني حڪومت ڪرڻ کانپوءِ 64 سالن جي ڄمار ۾ 23 فيبروري 769ع تي دم ڏنو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# محمد (ٻيو)

1430_1481ع



ترڪ سلطان محمد ٻيو 1453ع ۾ قسطنطنيہ فتح ڪري، انهيءَ عيسائي بازنطيني سلطنت جوخاتمو آڻي ڇڏيو جيڪا قديم رومي سلطنت جي، وچين صدين تائين هلندڙ سلسلي جي ڪڙي هئي. خود ترڪي ۾ سلطان محمد جي دؤر ۾ عثمانين چوڌاري علائقا فتح ڪري اهو ملڪ ٺاهيو جنهن کي هاڻي جديد ترڪي سڏين ٿا. انهيءَ زماني ۾ عثماني فن جو سونهري دور شروع ٿيو. عثماني ترڪ تيرهن سئو سال اڳ جي هڪ جنگجو سردار عثمان سان پنهنجو شجرو جوڙين ٿا. ٽي سئو سالن تائين اهي خانہ بدوش غازين يا اسلام جي مجاهدن جي حيثيت ۾ اناطوليا ۽ بازنطيني سرحدن کي پوئتي ڌڪيندا رهيا.

محمد ٻئي جي تعليم ۽ تربيت ڏاڍي خبرداريءَ سان ٿي. هو ترڪيءَ جي اوج واري ٻئي دور جي ڪيترن ٻئي حاڪمن جي مقابلي ۾ وڌيڪ مهذب حڪمران هو. هن اسلامي ادب ۽ يوناني ٻوليءَ کي چڱي طرح پڙهيو هو ۽ عربي، يوناني، لاطيني، فارسي ۽ عبراني ٻوليون رواني‌ءَ سان ڳالهائي سگهندو هو. هن کي پنهنجي زماني جي سائنس بابت بہ سٺي ڄاڻ هئي. وارنا واري لڙائيءَ کان پوءِ محمد ٻئي جو پيءُ مراد تخت تان دستبردار ٿي ويو. شهنشاهي سندس وزيرن ۽ ٻارنهن سالن جي وارث جي هٿن ۾ اچي وئي، پر ڇوڪري جي خودسري درٻار ۾ ايترو تہ تاءُ پيدا ڪيو جو مراد وري حڪومت جون واڳيون پنهنجي هٿ ۾ ورتيون ۽ 1451ع ۾ پنهنجي مرڻ تائين حڪومت ڪندو رهيو.

نوجوان سلطان ضدي طبيعت جو ۽ مضبوط هاٿي رکندڙ هو. سندس پرووڻ ڪمان دار هونديون هيون، جن هيٺان سندس تيز ۽ چيندڙ نظر واريون اکيون هيون. جيڪي سندس سڄي منهن تي حاوي لڳنديون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون. سندس نڪ سنهو ۽ ايتروتہ مڙهيل هوندو هو جو سندس ڳاڙهن چپن تائين مڙهيل لڳندو هو. هو پنهنجو راز نہ سلڻ وارو مضبوط قوت ارادي رکندڙ ماڻهو هو. هو جيترو طاقتور هو ايترو ئي قابل بہ هو. سندس پهريون مقصد قسطنطنيہ کي فتح ڪرڻ هو.

هن باسفورس جي ساموندي لنگهن تي ضابطي رکڻ لاءِ اپريل ۾ آگسٽ جي وچ واري عرصي ۾ روميلي حصار جو قلعو ٺهرايو. ايندڙ اپريل ۾ محمد قسطنطنيہ کي گهيري ڏيڻ لاءِ پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ فوج وٺي ويو. قسطنطنيہ جيڪو هڪ هزار سالن تائين عيسائين وٽ رهيو هو تنهن هڪ مثالي لڙائيءَ ڪانپوءِ 29 مئي تي شڪست کاڌي. ڪانسٽنٽائين ۽ سيزرن جو وارث سندس آخري شهنشاهہ قلعي جي ديوارن تي وڙهندي مارجي ويو. 1 جون جي ٽيهريءَ جو 21 سالن جي ڄمار وارو هي فاتح، شهر ۾ داخل ٿيو. سندس جلوس چرچ آف دي هولي وزڊم (مقدس عقل جي چرچ) ڏانهن وڌيو. هڪ ترڪي عالم چرچ جي ممبر تي چڙهي ويو ۽ اعلان ڪيائين "لااله الاالله" (خدا کان سواءِ ٻيو ڪو الله ڪونهي) محمد پنهنجي عيسائي رعايا کي اجازت ڏني تہ اهي سندس سلطنت اندر پنهنجي ڪنهن بزرگ جي هٿ هيٺ خودمختيار مذهبي برادري قائم ڪري سگهن ٿا. اڳين شهنشاهن وانگر محمد بہ انهيءَ مذهبي بزرگ کي عهدي جو نشان عطا ڪيو جنهن ۾ ڇاتي وارو صليب بہ شامل هو جنهن جي قيمت سلطان پاڻ ادا ڪئي. سندس دور حڪومت جي پڇاڙيءَ کان اڳ ڏاکڻون يونان ۾ ڪيترائي ايگئين ٻيٽ سندس آڻ مڃي چڪا هئا. سلطان جي فوجن ٻئي سڄي سربيا تي ۽ ڪجهہ وقت لاءِ هنگريءَ جي صوبي بوسينا تي قبضو ڪري ورتو هو. ولاچيا (هاڻي ڏکڻ رومانيا) جيڪا گهڻي عرصي کان هڪ تابعدار رياست رهندي تي آئي، تنهن کي 1460ع واري ڏهاڪي ۾ عثماني رياست ۾ شامل ڪيو ويو. انهيءَ کان پوءِ البانيا جانباز سڪندر بيگ جي موت کان پوءِ آڻ مڃي. سڀ کان اهم واقعو نئين سر قائم ٿيل ڪرمان جي امارت جو آخرڪار 1466ع ۾ سلطان هٿان فتح ٿيڻ هو جنهن ان کي عثماني اناطوليا سان ملائي ڇڏيو.

محمد ترڪ رياستن جي مرڪزي حصي کي مضبوط ڪيو ۽ قسطنطنيہ جي ڳادي واري هنڌ هئڻ جي حيثيت کي بحال ڪري، ان کي سندس نالي جي شايان شان بڻايائين. 1453ع ۾ هو پنهنجي اڳوڻي شان شوڪت جي ڏِک ڏيڻ لڳو. صديءَ جي پڇاڙي دوران ان جي آدمشماري ٻيهر وڌي 5 لکن جي انگ تائين پهتي. محمد ٻئي جي معمارن ڪيترين ئي مسجدون تعمير ڪيون جيڪي اڃا تائين قائم آهن. شهر کان مٿانهين تي "الفتح" نالي هڪ وڏي مسجد ٺهرايائين، جنهن ۾ ڳنڍيل قباوان غلسخانا بہ هئا. تنهن ڪانسواءِ هن ساڳي ٽڪري تي مسافر خانو بہ تعمير ڪرايو جنهن ۾ تفريح جو بندوبست بہ هو. اتي مارڪيٽ ۽ يونيورسٽي بہ ٺهرايائين. محمد "فاتح" هڪ هزار سالن کان قائم ايرندي عيسائي شهنشاهيت جو تختو اونڌو ڪري ترڪ شهنشاهيت قائم ڪئي، جيڪا ايندڙ ٻن صدين تائين اولهہ کي پريشان رکندي آئي.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڪبر اعظم

1542_1605ع



"بادشاهہ کي هميشہ فتح لاءِ تيار رهڻ گهرجي." اهي لفظ ابوالفتح جلال الدين محمد اڪبر جا چيل آهن. ۽ هن جو ڪجهہ چيو سو ڪري ڏيکاريو. هو 1542ع ۾ عمر ڪوٽ, سنڌ ۾ پيدا ٿيو. سندس والدين ايران کان واپسيءَ تي ڪجهہ وقت عمر ڪوٽ ۾ پناهہ ورتي هئي. هو تيرنهن سالن جي ڄمار ۾ جڏهن هندستان جو مغل شهنشاهہ ٿيو هو. تڏهن سندس حڪومت دهليءَ جي پسگردائي ۾ صرف چند سؤ چورس ميلن تائين وڃي بچي هئي, پر اٽڪل پنجاهہ سالن کانپوءِ, هو جڏهن مئو تہ سندس شهنشاهي عربي سمنڊ کان وٺي بنگال جي اپسمنڊ تائين پکڙيل هئي, جنهن ۾ گهڻي ڀاڱي سڄو هندستاني ننڍو کنڊ شامل هو.

اڪبر هندستان جو ٽيون مغل شهنشاهہ هو. هو چنگيز خان ۽ تيمور جي نسل مان هو. ("مغل" لفظ "منگول" جي بگڙيل شڪل آهي) چوڏهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري تيمور هندستان ۾ جيڪي فتحون ڪيون تن سببان ترڪن ۽ افغانن جو زور ايشيا جي هن حصي ۾ گهٽجي ويو. تيمور جي نسل مان بابر نالي هڪ ماڻهو هندستان ۾ وري منگولن جو راڄ قائم ڪيو ۽ مقامي حاڪمن کان وسيع علائقا فتح ڪيائين. هن جي پٽ ۽ اڪبر جي پيءُ همايون کي هڪ افغان غاصب ڀڄائي ڪڍيو ۽ هو پنهنجي موت کان ٿورڙو اڳ پنهنجو تخت وري وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ کان بہ اڳ اڪبر هڪ هندو شهزاديءَ سان شادي ڪري, ڪيس پنهنجي مذهب تي هلڻ جي اجازت ڏيئي, پنهنجي ملڪي مدبر هئڻ جو ثبوت ڏيئي چڪو هو. انهيءَ زماني ۾ ڪنهن بہ مسلمان حاڪم لاءِ اهو قدم کڻڻ هڪ غير معمولي ڳالهہ ليکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويندي هئي، پر اڪبر مذهبي طور تعصب کان خالي ۽ سياسي طور ڏاڍو چالاڪ بادشاهه هو. هن جي مرضي هئي تہ نہ صرف مسلم، پر مقامي ماڻهو بہ ڪيس بادشاهه ڪري مڃين. هندو شهزاديءَ سان شادي ڪرڻ ڪري شهزاديءَ جو پيءُ سندس وفادار ٿي ويو جيڪو راجستان جي صوبي جو هڪ خودمختيار ۽ خوفناڪ راجا هو. انهيءَ ڪانپوءِ اهڙا بہ معاهدا ٿيا. مغل شهنشاهيت ۾ راجپوت شهزادا سپهہ سالار ۽ صوبائي گورنر مقرر ٿيا.

اڪبر گهڻي ڀاڱي پنهنجي شهنشاهي فتحن وسيلي قائم ڪئي. هن گجرات کي 1573ع ۾ فتح ڪيو. اتان جي بندرگاهن تان اولهہ ايشيا سان واپار ٿيندو هو. ٽن سالن کان پوءِ هن ڏاڍي ڏکيائيءَ سان بنگال فتح ڪري ان کي پنهنجي شهنشاهيءَ ۾ شامل ڪيو. ڪشمير کي 1586ع ۾ فتح ڪري، اڪبر ان کي پنهنجي سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. پنهنجي دور جي پڇاڙيءَ کان ٿورو اڳي اڪبر ڏکڻ هندستان کي بہ فتح ڪرڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. 1601ع تائين سندس شهنشاهيءَ جو دائرو وڌي، ڏکڻ ۾ وچي احمد نگر تائين پهتو.

اڪبر، نہ صرف پنهنجي سلطنت جون حدون وڌايون، پر هو جيڪي بہ علائقا فتح ڪندو هو تن ۾ پنهنجي حڪومت بہ مضبوطي سان قائم ڪندو ويندو هو. هن صوبائي ۽ مقامي حڪومتن جي سرشتن جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ۽ مقامي قومي سردارن کي فوج ۾ مختلف عهدا ڏنا، پنهنجي ضابطي ۾ آندو. هن کان اڳ اهي سردار، مقامي خودمختياري جو ناجائز فائدو وٺندا هئا. انهيءَ فوجي درجي بندي ۾ هر عهديدار سڌو سنئون شهنشاهہ اڳيان جوابدار هوندو هو. هر صوبي جي آمدني تي ڪرڙي نظر رکي ويندي هئي تہ جيئن گورنر پنهنجي حق کان وڌيڪ دولت نہ ڦٻائي سگهن.

ايئن ڪرڻ سان اڪبر پاڻ بيشمار دولت جو مالڪ ٿي ويو. هو پاڻ ۽ سندس درباري، انهيءَ دولت مان عياشي جو سامان ٺهرائيندا ۽ ضرورت پوڻ تي ٻين ملڪن کان بہ گهرائيندا هئا. انهيءَ سامان ۾ نفيس ريشمي ڪپڙا ۽ غاليچا بہ شامل هئا. سرڪاري سرپرستي ملڻ ڪري، فن بہ ترقي ڪئي ۽ ان ۾ اسلامي ۽ هندو ثقافت جون گڏيل جهلڪيون ڏسڻ ۾ اچڻ لڳيون. انهيءَ زماني ۾ مغل مصوريءَ تي ڪجهہ يورپي اثر بہ پيا.

ٻين نامور اڳواڻن وانگر اڪبر کي بہ پنهنجي اولاد مايوس ڪيو. هن جا ٽي پٽ شرابي هئا ۽ سندس وڏي پٽ سليم جي طبيعت بدڪاريءَ ڏانهن مائل رهندي هئي. اڪبر جي آخري ڪجهہ سالن دوران سليم پنهنجي پيءُ خلاف بغاوت ڪئي. اڪبر جي موت کان ٿورڙو ئي اڳ پيءُ پٽ ۾ ناهہ ٿيو ۽ سليم کي پنهنجي پيءُ جي ناهيل وسيع شهنشاهي جو ولي عهد مقرر ڪيو ويو. اها شهنشاهي انهيءَ کان پوءِ بہ هڪ سئو پنجاهہ سالن تائين هلي.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چام نظام الدين (چام نندو)

وفات 1580ع



سلطان چام نظام الدين، جنهن کي چام نندي جي نالي سان بہ ياد ڪيو وڃي ٿو سو سما خاندان جو پندرهون بادشاهہ ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي پيءُ چام سنجر کان پوءِ 1461ع ۾ سنڌ جي تخت تي ويٺو.

هو نهايت ئي ياڳن ڀرئي وقت ۾ سنڌ جو تخت ڌڻي بڻيو. ان وقت هر طرف امن امان هو ۽ آس پاس جا بادشاهہ نهايت ئي سهڻي نموني پنهنجون پنهنجون حڪومتون هلائي رهيا هئا. نہ تہ ڪين ڪنهن بغاوت سان منهن ڏيڻو هو ۽ نہ ئي وري انهن مان ڪنهن کي، هئي ملڪ تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪرڻ جو ارادو هو.

سنڌ توڙي هند جون تاريخون چام نندي جي ساراهہ ڪندي فخر محسوس ڪن ٿيون. هو نهايت وڏنڊڙ صفتن ۽ سٺن اخلاقن جو مالڪ، حد درجي جو زاهد ۽ عابد ٿي گذريو آهي. هن سنڌ جو حاڪم ٿيڻ شرط ملڪي سڌاري طرف ڌيان ڏنو. سندس دور ۾ رعيت خوش ۽ ماڻهو آسودا هئا. سياحن ۽ واپارين کي هر طرح سان سهولتون مليل هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڄام نندي تاريخي شهر ساموئي کان ٽي ميل پري هڪڙي ويڪري ميدان ۾ نئين جو بنياد وڌو ۽ ان کي سن 900 هجريءَ ۾ پنهنجو تخت گاهه مقرر ڪيو. سندس ڪوشش سان هي شهر جلد ئي علم ۽ هنر ڪري ايشيا جي صنعتي ۽ تجارتي شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن حڪومت جون آفيسون، ڪوٽ قلعا، حويليون، پاڙا، مسجدون، خانقاهون ۽ مندر تعمير ڪري نئين جي اهميت کي اجا به وڌايو. ڄام نندي جي علم پروري جي هاڪ ٻڌي خراسان ۽ ايران کان ڪيترائي عالم نئين ۾ اچي رهڻ لڳا. هتان جا ماڻهو ايترا سکيا هئا جو هر مهيني جي پهرين سومر، جمعي ۽ چوڏهين تاريخ شادمانا ٿيندا هئا.

ڄام نندي جو هڪ پروسي جوڳو قبوليو نالي ڇوڪرو هو جو پنهنجي سمجهه، ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ ڪري پهريان مبارڪ خان ۽ پوءِ دريا خان جي لقب سان مشهور ٿيو. قبولئي، غلام دلشاد ۽ لکمير تي ڄام نندي کي ايترو ته پروسو هو جو حڪومت جي وڏن اهم مسئلن تي به ڪانئن مشورو وٺندو هو.

هڪڙي تاريخدان ڄام نندي جي امن پسنديءَ بابت لکيو آهي ته: ”......هو هر هفتي پنهنجي طنبيلي ۾ ويندو هو ۽ گهوڙن جي پيشانيءَ تي هٿ ڦيري چوندو هو ته اي بختاورو! جهاد کان سواءِ اوهان تي سواري نه ڪندس، ڇو ته هر طرف سرحدن تي مسلمان بادشاهه آهي. دعا ڪريو ته شرعي سببن کان سواءِ ڪٿي به نه وڃان ۽ نه وري پير ڪوهتي اچي. متان مسلمانن جو خون ناحق وهي.“ هڪ ٻئي هندستاني تاريخدان ڄام نندي جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: ”سنڌ ۾ ته ٺهيو پر هندستان ۾ پڻ وري ڪو ڄام نندي جهڙو مثالي بادشاهه نه ٿيو.“

ڄام نندي جي مثالي حڪومت سبب، سنڌ جون سرحدون به ڪشاديون ٿيون. هن زماني ۾ سنڌ جو سياسي، معاشي، علمي ۽ فني اوج ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڄام نندي جي سڪي جو پتو به پيو آهي. ان ريت هن دؤر جي مثالي هجڻ ۾ ڪو به شڪ شبهو باقي نٿو رهي.

ڄام نظام الدين بادشاهي تخت تي ويهندي ئي بنيادي فيصلا ڪيا. قاعدن ۽ قانونن کي سڌاري انهن تي سختيءَ سان عمل ڪرايو. حڪومت جو صحيح انتظام هلائڻ لاءِ وزيرن جي هڪ ڪائونسل پڻ جوڙيائين.

هو نئيڍي هوندي کان علم سان گهڻو چاهه رکندو هو ۽ اڪثر ڪتبخانن ۾ وقت گذاريندو هو. نماز ۽ عبادت جو پابند هوندو هو. پاڻ وڏو ديندار حاڪم ٿي گذريو آهي. سندس ڏينهن ۾ مسجدون نمازين سان پريل هونديون هيون. پاڻ ڪجهه وقت ساموئي ۾ رهڻ کان پوءِ بکر پهتو ۽ اتي جي ڌاڙيل بلوچن کي سزائون ڏئي پنهنجي پروسي جوڳي ماڻهو دلشاد کي بکر جو ناظم مقرر ڪري واپس ساموئي پهتو.

سندس ڏينهن ۾ سيد ميران محمد جونپوري، جيڪو پاڻ کي مهدي سڏائڻ لڳو هو سو دکن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گجرات کان ٿيندو ٺٽي اچي پهتو. ڄام نندي هن جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو پر پوءِ پنهنجي قابل صلاحڪار دريا خان جي صلاح سان ان کي ٺٽي مان نڪري وڃڻ لاءِ حڪم جاري ڪيائين.

ان وقت منگولن مختلف بهانا بنائي سنڌ تي حملي جي رٿا جوڙي. جيئن تہ ڄام نندو هڪ انتهائي طاقتور بادشاهہ هو پر ايڏي قوت ۽ مضبوطي کان پوءِ بہ هن ڪڏهن بہ جنگ جهيڙي جي ڳالهہ نہ ڪئي ۽ سدائين امن واري راهہ تي هلندو رهيو. تنهن وقت سنڌ ملڪ جون سرحدون محفوظ بہ هيون ۽ ڪشاديون پڻ. انهن ڏينهن ۾ سبي سنڌ جي حدن ۾ هئي ۽ ان جي حيثيت هڪ سياسي، فوجي ۽ سرحدي مرڪز واري هئي. ان زماني ۾ سنڌ جي حڪومت بهادر خان کي هن اهم شهر جو گورنر ۽ فوجي ڪمانڊر مقرر ڪيو هو.

سو انهيءَ زماني ۾ سنڌ جي سرسبزي ۽ شادابي هرات ملڪ جي بادشاهہ کي هر ڪائي وڏو ۽ هن سنڌ جي پرامن ملڪ تي حملي جي رٿا جوڙي. بهانو اهو ڪيو ويو تہ سبي شهر جي آس پاس سنڌي ماڻهو اسان جي واپاري قافلن کي ڦريندا رهن ٿا. اهڙن هٿرادو بهانن جي آڙ وٺي ارغون گورنر پنهنجي پٽ شاهہ بيگ کي وڏو لشڪر ڏئي سنڌ تي ڪاهہ لاءِ روانو ڪيو. نيٺ 1485ع ۾ جنگ ڇڙي پئي. ٻن سالن تائين جنگ جاري رهڻ ڪانپوءِ بهادر خان شڪست کائي اچي سنڌ جي گادي واري هنڌ پهتو.

ان بعد طاقت، سوڀ جي نشي ۽ غرور ۾ اچي منگولن هڪ اطلاع نامو جاري ڪيو هن پڌرنامي ۾ امن پسند سنڌي مسلمانن کي هندو ۽ ڪافر سڏيو ويو. ڄام نندو هڪ امن پسند بادشاهہ هو پر جڏهن صورتحال ان حد تائين خطرناڪ ٿي وئي هئي، جو دشمن علائقا ڦبائي ۽ للڪاري رهيو هو. صاف دل ۽ سادن سنڌي مسلمانن کي هندو ۽ ڪافر پئي سڏيو ويو تڏهن ڄام نندي ماٺ ڪري ويهڻ کي بزدلي سمجهندي، پوري معلومات حاصل ڪري انتهائي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو.

حقيقت ۾ واپاري قافلن جي ڦر تہ هڪ بهانو هو اصل ۾ ارغونن کي سبي کان پوءِ سنڌ جي ٻين علائقن ڦبائڻ جي پوري پوري نيت هئي. اهڙين حالتن ۾ ڄام نندي وزيرن جي ڪائونسل سڏائي انهن سان صلاح مشورا ڪيا. آخرڪار ارغونن کي سيڪت ڏيڻ ۽ سنڌ جي وڃايل علائقن کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا. ڄام نندي دريا خان کي وڏي لشڪر سان هن اهم ۽ مکيہ فوجي مهم تي موڪليو ۽ 1490ع ۾ وڏي لڙائي کان پوءِ ارغونن کي شڪست آئي ۽ سبي شهر تي سنڌ جي حاڪم جو اختيار بحال ٿي ويو. هن تاريخي سوڀ عوام جي دلين ۾ ڄام نندي لاءِ اڃا بہ وڌيڪ احترام پيدا ڪيو.

سنڌ جي هن هاڪاري بادشاهہ اٺيتالهہ سال سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ وڏي عمر ۾ 1580ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ابراهام لنڪن

1809_1765ع



ابراهام لنڪن مقبول آمريڪي چواڻي "گودڙيءَ ۾ لعل" جو عملي نمونو هو. هو انديانا جي هڪ فارم جي رهاڪو ۽ غريبي ماريل اڻ پڙهيل گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو. اسڪول ۾ فقط 12 مهينا پڙهيو هو پر ڪيس ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جو شوق هوندو هو ۽ هر ڪنهن کي سندس ڪاميابيءَ جي اميد هوندي هئي.

هن ڪيترين ئي نوڪريون ڪيون، جهڙوڪ: ريل جا سليپر وڍائڻ، دوڪانداري، پوسٽ ماستري وغيره. تنهن کانپوءِ هو 1834ع ۾ الينوائس جي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بڻيو ۽ ڪامياب ٿي ويو. قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبري دوران هن قانون جي تعليم حاصل ڪئي ۽ 1837ع ۾ بار جو ميمبر ٿيو.

انهيءَ وقت ۾ آمريڪي قوم هڪ وڏي گهوٽالي طرف وڌي رهي هئي. غلاميءَ جي پڪيڙ اختلافي مسئلو بڻجي ويئي هئي. حڪومت ڪيترن ئي سالن کان غلام رکندڙ رياستن ۽ غلام نہ رکندڙ رياستن جي تعداد ۾ توازن برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندي پئي آئي. هڪ طرف اتر واريون رياستون هيون، جن جو اصرار هو تہ غلاميءَ جي پڪيڙ کي روڪيو وڃي. ان جي ابتڙ، ٻئي طرف ڏکڻ واريون رياستون هيون، جن غلاميءَ جي پڪيڙ کي هڪ مقدس فرض سمجهي، ان جي ڦهلاءَ جي خواهش پئي رکي.

1854ع ۾ "ريپبلڪن پارٽي" جي نالي سان غلامي خلاف هڪ نئين پارٽي ٺهي. ڇئن سالن کان پوءِ الينوائس جي ريپبلڪن، ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اميدوار سينيٽر اسٽيفن ڊگلس جي مقابلي ۾ لنڪن کي اميدوار نامزد ڪيو. انهيءَ گوءِ ۾ ٻنهي اميدوارن ڪافي بحث مباحثا ڪيا. انهن تاريخي بحثن ۾ لنڪن ثابت ڪيو تہ هو پنهنجي جبري مخالف ڊگلس جهڙو ئي سنو مقرر هو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورجائي ورجائي پنهنجي پختي عزم جو اظهار ڪيو تہ قوم ”اڌ غلامي ۽ اڌ آزادي“ کي گڏوگڏ هلائي نہ سگهندي ۽ اهو بہ چيائين تہ غلامي غلط هئي ۽ انهيءَ جو وقت سر خاتمو ضروري هو.

لنڪن اها چونڊ هارائي، پر چونڊ واري مهم ڪيس قومي سطح تي مشهور ڪري ڇڏيو. ٻن سالن کانپوءِ کيس صدارتي اميدوار ٺاهيو ويو. ڊيموڪريٽن جي اختلاف سندس چونڊ کي يقيني بڻائي ڇڏيو ڇو تہ انهن مان غلاميءَ جي ڪٽر حامين پنهنجو جدا اميدوار بيهاريو هو.

لنڪن جي چونڊجي وڃڻ ڪري ڏکڻ وارين رياستن کي اهو قدم کڻڻ جو موقعو ملي ويو جنهن جي باري ۾ انهن ڏگهي عرصي کان ڇيو پئي، يعني ڇڄي ڌار ٿيڻ. هن اڃا صدارت جو عهدو سنڀاليو ئي نہ هو جو ستن رياستن پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪندي، ڪنفيڊريٽ اسٽيٽس آف آمريڪا ٺاهي ڇڏي. بعد ۾ ٻيون چار رياستون بہ انهيءَ ۾ شامل ٿي ويون. يونين ۽ انهيءَ ڪنفيڊريسي وچ ۾ 1861ع گهرو لڙائي ڇڙي پيئي.

جنگ جي پهرين ٻن سالن ۾ اتر جي ڪارڪردگي خراب رهي ۽ ڏکڻ جي حڪمت عملين کي هر ڀيري ڪاميابي ٿيندي رهي. اتر وٽ وسيلا بہ وڌيڪ هئا ۽ هن ڏاڪٽئين ڪناري جي ناڪيبندي بہ ڪئي هئي، پر انهن ڳالهين جا اثر ظاهر ٿيڻ ۾ اڃا دير هئي. جنگ جيئن جيئن اينگهندي ويئي، تيئن تيئن لنڪن جي حڪمت عملي جا جوهر بہ کلڻ لڳا ۽ اڳتي هلي کيس اينٽي ٽام ۾ فتح نصيب ٿي، جهن ڪري ڪنفيڊريٽ جو اڳتي وڌڻ بند ٿي ويو ۽ يورپ جا ملڪ ڪنفيڊريسي کي مڃڻ کان مڙي ويا. لنڪن، اينٽي ٽام واري فتح کانپوءِ سنت ئي غلامي ختم ڪرڻ جو پڌرنامو جاري ڪيو جنهن سان غلامن کي آزادي ملي ويئي.

ڪجهہ وقت کانپوءِ جو جان ولڪس ٻون نالي ڏکڻ جي هڪ انتهاپسند لنڪن کي مٿي ۾ ان وقت گولي هنئي، جڏهن هو هڪ ناٽڪ منڊليءَ ۾ ناٽڪ ڏسي رهيوهو. ٻي صبح جو لنڪن فوت ٿي ويو.

لنڪن جو موت ڏکڻ توڙي اتر لاءِ هڪ جهٽو ئي نقصانڪار هو. لڳي ٿو تہ انهيءَ کانپوءِ نئين سر اڏوات جا جيڪي سخت سال گذريا تن ۾ توڙن ماڻهن کي لنڪن جا اهي لفظ ياد هوندا جيڪي هن پنهنجي ٻي صدارت جي افتتاحي تقرير ۾ چيا هيا:

”ڪنهن سان بہ بغض رکڻ کان سواءِ، سڀني لاءِ نيڪ جذبا رکندي، سچائيءَ تي ثابت قدم رهندي....اچو تہ اُهو ڪم پورو ڪريون، جيڪو اسان پنهنجن هٿن ۾ کنيو آهي. قوم جي زخمن تي مرهم رکون، جنهن بہ ماڻهو جنگ ۾ پوڳيو آهي، تنهنجي ۽ سندس رن زال جي سندس يتيم ٻار جي سار سنڀال لهون. اهو سڀ ڪجهہ ڪريون، جنهن سان اسان هڪ انصاف ڀريو ۽ پائيدار امن قائم ڪري سگهون.“

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سن ياتسين

1866_1825ع



Jeay Sindh

سن ياتسين عيسائي ۾ چين جو پهريون جمهوري نموني چونڊيل صدر هو جيڪو 1911ع ۾ منچو چنگ گهراڻي جي حڪومت جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پوءِ چونڊيو ويو هو. هو مغربي ثقافت جي رنگ ۾ رڱيل ۽ غيراثرائتو انقلابي هوندو هو انهيءَ هوندي بہ ڪيس انقلابي چين جو پايو وجهندڙ ۽ ابو سمجهندي، ڪميونسٽ توڙي قومپرست هڪ جهڙو مان ڏيندا هئا.

سن پنهنجي خوش بياني، پنهنجي عظيم شخص ۽ ڪشش ۽ پنهنجي مجيل ايمانداري سببان مٿي چڙهيو. هن جي ڪومنتانگ نيشنل پارٽي، چين جي پهرين سياسي تحريڪ هئي. هن ڏيساور ۾ رهندر چينين جي گهڻين برادرين کي انقلاب جو حامي بڻائي، چرپر ۾ آندو جنهن ڪري بين الاقوامي سطح تي اهميت رکندڙ شخصيت بڻجي ويو. سن سڄي زندگي جنهن نموني ڪم ڪندو رهيو هو تنهن مان انهيءَ زماني ۾ ئي پڌرو ٿي چڪو هو تہ نئون چين هڪ عوامي ملڪ هوندو جڏهن تہ ڪيترائي سڌارڪ جاپان جي نموني تي ڪيس آئيني شهنشاهيت بڻائڻ جي حق ۾ هئا. جنهن زماني ۾ هو ڪينٽن جي غريباڻي فارم تي ڄائو هو تنهن زماني ۾ ٽن هزارن سالن کان قائم چين جي شهنشاهيت، جيڪا اوير جي عظيم ترين طاقت ليکبي هئي، ڍهڻ واري هئي. يوربي طاقت شهنشاهي گهراڻي کان زوري ڳاٽي پڳيون واپاري رعايتون وٺي ڇڏيون هيون. تنهن ڪانسواءِ انهن کي پنهنجي ملڪ کان ٻاهر يعني چين ۾ پنهنجو قانون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلائڻ جي اجازت بہ مليل هئي، جنهن مطابق چين ۾ رهندڙ يورپي باشندن تي چين جو نہ، پر پنهنجي ملڪ جو قانون لاڳو ٿيندو هو. هزارين چيني هنرمند ۽ واپاري ڏيساور ۾ ڪمائڻ لاءِ وڃي چڪا هئا.

سن 13 سالن جي ڄمار ۾، پنهنجي ڀاءُ سان گڏ رهڻ لاءِ هوائي هليو ويو. اتي هن انگلش مشن اسڪول ۾ تعليم پرائي ۽ پوءِ ڪئنٽن ۾ ڊاڪٽري پڙهيو. هو 1894ع ۾ هوائي موٽي آيو جتي روائيو چاتنا سوسائٽي (چين کي ٻيهر زور وٺرائڻ جي سوسائٽي) ڳجهي نموني قائم ڪيائين. اجان انهيءَ سوسائٽي کي قائم ٿئي ڪو گهڻو عرصو نہ گذريو هو جو چين-جاپان جنگ لڳي. جاپان گذريل ٽيهن سالن کان مغربي طرز تي جديد ٿيندو رهيو هو. جهوني چنگ گهراڻي جي حڪومت پنهنجي خاتمي جي ڪنڌي تي پهچي وئي هئي. سن ڪئنٽن ۾ بغاوت کي هٿي ڏيڻ لاءِ موٽي آيو. اها بغاوت ناڪام ٿي، جنهن ڪري هو يورپ ڀڄي ويو. سندس سر جي قيمت رکي وئي. هن کي واپس ملڪ موڪلڻ لاءِ لنڊن ۾ چين جي سفارتخاني تي زور رکيو ويو جنهن تي پريس مانڌاڻ مچائي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ اختياري وارن کي مجبور ٿي جتي ڪيس ڇڏڻو پيو اتي هن کي بہ بين الاقوامي سطح تي اهميت ملي وئي. 1905ع ۾ ”انقلابي اتحاد“ نالي هڪ نئين پارٽي قائم ڪيائين. انهي پارٽي جا ٽي اصول هئا:

(1قوميت: يعني منچوئن ۽ مغربي مفادن جي ملڪ نيڪالي، 2) عوامي اقتدار: يعني عوامي راڄ ۽ 3) روزگار يعني وسيلن جي انصاف ڀري ورڇ. جيڪا اڳتي هلي سوشلزم جي برابر ٿي. انهيءَ پارٽي ۾ جيڪي ماڻهو منڍ ۾ شامل ٿيا، تن ۾ نوجوان چيانگ ڪائي شيڪ بہ هو. هڪ سال جي اندر اندر ذڪر اوير ايشيا ۾ انقلابي اتحاد جي ميمبرن جو تعداد 10,000 تي ويو. سن کي 1907ع ۾ جاپان مان نيڪالي ڏني وئي، جنهن کان پوءِ هن ايشيا، يورپ ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ چيني نياتن جو دورو ڪيو.

انقلاب چيني عوام ۾ ڏينهون ڏينهن وڌيو مقبول ٿيندو. شهنشاهي حڪومت، جيڪا اڳ ۾ ئي رشوت خور هئڻ سان گڏوگڏ ڪم ڪار هلائڻ جي قابل نہ هئي، يو آن شيھ ڪائي جي هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ فوج کي ڏار ڪري ڇڏيو. آڪٽوبر 1911ع ۾ ووهان ۾ بغاوت ٿي پيئي، جيڪا تيزي سان پکڙجي وئي، يو آن باغين کي ڇيپائڻ بدران جمهوريت جي حامين سان ڳالھ ٻولھ هلائي. سن ياتسين فتحيابي سان چين موٽيو. 1 جنوري 1912ع تي ڪيس نانڪنگ ۾ قائم ٿيل عارضي جمهوري حڪومت جو سربراھ بڻائڻ جو اعلان ڪيو ويو. 1912ع واري اسيمبلي جا ميمبر ويڪائو مال سستي اگهن تي وڪامڻ لاءِ تيار هئا. انهن خرابين مغربي جمهوريت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چيني عوام جي نظرن ۾ ڪرائي ڇڏيو هو. سن جي پنهنجي چوڻ مطابق، ”چين نہ فقط مغربي جمهوريت کان ڪجهہ پرائي نہ سگهيو آهي، پر انهي ڪيس ڪاري بہ ڇڏيو آهي.“ سن ڏهن سالن تائين پيڪنگ جي مخالف حڪومت ڪئنٽن ۾ قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو رهيو.

انهيءَ وچ ۾ چين ڏينهون ڏينهن فقط هڪ جاگرافيائي نالو ٿيندو پئي ويو. مغربي ملڪ زوري پنهنجون رعايتون ماڻيندا رهيا. ورسيلز جي 1919ع واري معاهدي جرمني کي مليل رعايتون جاپان جي حوالي ڪيون. جاپاني چين ۾ گهڙي آيا هئا. ٻئي سڄي چين ۾ جنرل غير حاضر زميندارن سان سازباز ڪري پاڻ کي جنگي جوڌو سڏائي زوري پنهنجيون آزاد شرطي جاگيرون قائم ڪري ڇڏيون هو.

ڪولنتنگ صوبي جي جنگي جوڌي 1921ع ۾ سن کي ڪئنٽن ۾ پنهنجو اڏو تہ قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، پر اتر جي جنگي جوڌن جي حڪومتن خلاف مهم هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. نہ صرف اهو پر هن ڪوانتنگ کي ڦرڻ بہ شروع ڪيو. سن وري بہ ڀڄي ويو هن پيري هو شنگهائي هليو ويو جتي ايدولف جوف نالي هڪ روسي ڪميونسٽ ايجنٽ کيس ڳولهي لڌو. ڪيترائي چيني روسين کي انقلابي حڪمت عملي جو ماهر سمجهندا هئا. تنهن ڪانسواءِ ماسڪو جي بالشويڪ حڪومت چين جي سرحدي علائقن تي زار جي دعوي جي پچر بہ ڦٽي ڪئي هئي. بالشيوڪ، پنهنجي پر ۾ چين کي عالمي انقلاب جو ٻيو قدرتي محاذ سمجهندا هئا. سن ياتسين کي سڄي زندگيءَ لاءِ چيني ڪميونسٽ پارٽي جو چيئرمين بڻايو ويو هو. سن کي 1923ع ۾ وري ڪئنٽن جي عهدي تي قائم ڪيو ويو چو اين لائي ۽ ٻيا ڪميونسٽ بہ ان سان شامل ٿيا. جنگي جوڌن جي پيڪنگ واري حڪومت 1925ع ۾ کيس گڏيل ڳالهين ٻولهين ڪرڻ جي دعوت ڏني. پنهنجي ساٿين جي نڪتہ چيني جي باوجود هو اُتي ويو پر ڳالهين ٻولهين شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ مري ويو.

وفات وقت بہ سندس حيثيت يقيني نہ هئي ۽ چين افراتفري جو شڪار هو. پر سن پنهنجي پُرڪشش شخصيت ۽ پاڻ اربڻ وسيلي انقلابين جي هڪ پيڙهي پيدا ڪري ويو هو. سن اهو ماڻهو هو جنهن جديد چين جي اڳواڻن کي اتساهہ ڏياريو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چرچل

1874ـ1965ع



ونسٽن چرچل اهو ماڻهو هو جيڪو چاليهن سالن تائين برطانوي سياست ۾ سڀ کان وڏين تڪراري شخصتن مان هڪ ليکيو ويندو هو. هن ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ برطانوي اڳواڻ ۽ يورپي مزاحمت جي علامتي سربراهه جي حيثيت ۾ نازي جرمني کي جنهن مڙسي سان منهن ڏنو تنهن سان سندس نالو روشن ٿيو.

چرچل، لارڊ نيڊولف چرچل ۽ آمريڪا جي هڪ وڏي ڪاروباري ماڻهو جي نياڻي جيني جيروم جو پٽ ۽ انگريز جنرل مالبرو جي نسل مان هو. هو فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽ هندستان، سوڊان ۽ بوئر جنگ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. هو انهيءَ جنگ ۾ پنهنجي گرفتاري ۽ گرفتاري ڪانپوءِ ڀڄي نڪرڻ جو احوال لکي سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويو. هو 1900ع ۾ ڪنزرويٽو پارٽي جي ميمبر جي حيثيت ۾ چونڊجي پارليامينٽ ۾ ويو پر 1906ع ۾ ڪنزرويٽو پارٽي کي ڇڏي لبرل حڪومت ۾ شامل ٿيو. هو 1910ع کان 1911ع تائين هوم سيڪريٽري رهيو ۽ پوءِ فرسٽ لارڊ آف دي ايڊمرلٽي مقرر ٿيو.

هن 1915ع ۾ تباهه آٽيندڙ پهرين مهاڀاري لڙائي دوران دره دانيالس ۾ گئليپولي وٽ ترڪي خلاف مهم تيز ڪري ڇڏي، جنهن ڪري وقتي طور سندس بيعزتي ٿي، پر هو فرانس

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. 1917ع ۾ هن پنهنجو وڃايل عهدو وري ماڻيو. انهيءَ زماني ۾ لبرل پارٽي جي وزيراعظم لائيڊ جارج جي حڪومت هئي. پھريائين هو جنگي سامان جو وزيراعظم مقرر ٿيو پوءِ جنگ جو وزير ۽ 1921ع کان بينڪن جو وزير ٿي رهيو. جنگ جي وزير جي حيثيت ۾ هن روس جي بالشويڪ حڪومت خلاف فوجي مداخلت ڪرڻ جي ڏاڍي اتساهه سان حمايت ڪئي.

چرچل ٻيھر ڪنزرويٽو پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ 1924ع کان 1929ع تائين چانسلر آف دي ايڪسچيڪر رهيو. چرچل 1928ع ۾ ووٽ ڏيڻ لاءِ عورتن جي عمر گھٽائي 21 سال ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. هو برطانوي شهنشاهيت کي بدلائي ڪامن ويلٿ ڪرڻ جي پڻ خلاف هو. هن هندستاني قومپرستي سان ناهه ڪرڻ جي بہ مخالفت ڪئي. انهيءَ پوئين مسئلي تي هن ڪنزرويٽو پارٽي جي اڳواڻيءَ بہ ڇڏي ڏني ۽ ڏهن سالن تائين سياسي ريگستان ۾ ڀٽڪندو رهيو.

هٽلر جي عروج خلاف چرچل اڳيئي چتاءُ شروع ڪيو. برطانوي حڪومت جڏهن هٽلر کي راضي رکڻ لاءِ يورپ جي باري ۾ سندس مطالبا مڃڻ لڳي، تڏهن چرچل ذري گھٽ اڪيلو هوندي بہ حڪومت جي اهڙي پاليسي جي نندا ڪئي. وزيراعظم چئمبرلين، هٽلر سان ميونخ وارو جيڪو ٺاهه ڪيو تنهن جي باري ۾ چرچل جو چوڻ هو: ”اسان کي جنگ کانسواءِ شڪست ملي آهي.“ چئمبرلين 3 سيپٽمبر 1939ع تي جرمني خلاف جنگ جو اعلان ڪرڻ کانپوءِ چرچل کي فرسٽ لارڊ آف دي ايڊمرلٽي مقرر ڪيو.

جرمني، مئي 1940ع ۾ هالينڊ بيلجيم تي حملو ڪيو جنهن ڪري چئمبرلين استعيفيٰ ڏني. چرچل وزيراعظم ٿيو. ٽئين ڏينهن هن ڪامنس کي ٻڌايو: ”مان توهان کي سواءِ رت، ڪشالي، ڳوڙهن ۽ پگھر جي، ٻي ڪا شيءِ آڇي نٿو سگھان.“ ٻي مهاڀاري لڙائي جي خاتمي کانپوءِ ساڳيو ئي چرچل هو جنهن لکيو: ”مون محسوس ڪيو ڄڻ تہ مان تقدير سان گڏ هلندو هجان ۽ منهنجي گذريل حياتي ڪنهن ڪم ۾ نہ، پر هن گھڙي ۽ هن آزمائش کي منهن ڏيڻ جي تيارين ۾ لڳي هجي.... گذريل ڇهن سالن کان مان ايڏن تفصيلن سان ايڏا تہ اڪيچار چتاءُ ڏيندو رهيو آهيان ۽ اهي ايڏي تہ خوفائتي نموني اکين آڏو آيا آهن، جو هاڻي ڪو بہ انهن کي رد ڪري نٿو سگھي.“

جنگي اڳواڻ جي حيثيت ۾ چرچل جو هڪڙو ئي مقصد هو: نازي جرمني کي مڪمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪست ڏيئي، ڪائنس بنا شرط هٿيار ڦٽا ڪرائڻ. برطانيا فرانس وانگر آڻ ميجي فاشزم کي يورپ جو مڃيل مالڪ ڏسڻ نہ پئي چاهيو. چرچل ريڊيو تان جيڪي بي مثال اتساهيندڙ تقريرون ڪيون، جنهن قابليت سان پارليامينٽ جي رهبري ڪيائين ۽ جنهن اورچائي سان جنگ هلايائين، تنهن برطانيا کي انهي مقصد ماڻڻ ۾ ڪاميابي ڏياري. گڏيل جنگي ڪابينا بہ انهي مقصد لاءِ سندس پٺڀرائي ڪئي ۽ ڪامن ويلٿ جي حڪومت بہ وفاداري سان سندس ساٿ نڀايو.

هٽلر جون 1941ع ۾ جڏهن روس تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن چرچل جنگ شريڪ ساٿي جي حيثيت ۾ جوزف اسٽالن جي آجيان ڪئي. ساڳئي سال ڊسمبر ۾ هٽلر آمريڪا خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. چرچل، جيڪو برطانيا جي فوجي پاليسين ۾ گهڙي گهڙي ٽنگ اڙائيندو آيو هو، پر گهٽو ڪري ناڪامي ٿي هيس، سو صدر فرينڪلن ڊي روزويلٽ سان ويجها لاڳاپا رکندي بہ آمريڪين کي قائل ڪري نہ سگهيو هو تہ اهي ڏکڻ واري پاسي کان جرمني تي وڏو حملو ڪن. انهيءَ ڪان پوءِ هن آمريڪين کي زور ڀريو تہ اهي تيزي سان اوڀر يورپ ۾ اڳتي وڌي ڪميونسٽن کي روڪين پر انهيءَ ۾ بہ ناڪام ٿيو.

نئين راڻي ايلزبيٿ 1953 ااع ۾ کيس آرڊر آف دي نائٽ آف دي گارٽر جو اعزاز ڏنو. انهيءَ سال کيس ادب لاءِ نوبل پرائز بہ مليو. هو وزيراعظم جي حيثيت ۾ 1955ع ۾ رٽائرڊ ٿيو پر پارليامينٽ جو ميمبر رهيو. هو 1965ع ۾ فوت ٿي ويو. هن جي جنازي ۾ سڄي دنيا جا نمائندا شامل ٿيا ۽ کيس پنهنجي وصيت مطابق سندس ڳوٺ بلاڊن، جي چرچ جي احاطي ۾ سرڪاري اعزاز سان دفنايو ويو جيڪو آڪسفورڊ شائر ۾ آهي. اهو ڳوٺ سندس اباڻي گهر مالبرو جي پرسان آهي. چرچل جي ڪتابن مان مالبرو جنهن ۾ سندس مالبرو واري زندگي جو ذڪر ٿيل آهي، انگريزي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي تاريخ ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي تي لکيل ڇهہ جلد مشهور آهن. انهن ڪتابن مان خبر پوي ٿي تہ چرچل تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو جنهن منجهس پنهنجي ملڪ لاءِ پيار جو جزبو جاڳائي ڇڏيو هو.

سنڌيڪار: محمد بخش سومرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ذوالفقار علي ڀٽو

1928_1978ع



Jeay Sindh

ذوالفقار علي ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. هن جي تعليم ۽ تربيت تي سندس والد سر شاهنواز ڀٽي خاص ڌيان ڏنو. کيس تمام سٺن اسڪولن ۾ پڙهايائين. سنڌ ۾ ابتدائي تعليم کان پوءِ جڏهن سر شاهنواز بمبئي ۾ سنڌ جي نمائندي طور رهڻ لڳو ته ذوالفقار علي ڀٽي کي بمبئي جي هڪ سٺي اسڪول ”ڪئٿيڊرل هاءِ اسڪول“ ۾ داخل ڪرايائين.

بمبئي ۾ ابتدائي تعليم کان پوءِ سر شاهنواز هن کي وڌيڪ اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا موڪلي ڇڏيو. لاس اينجلز جي ”يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا“ ۾ سيپٽمبر 1947ع کان جنوري 1949ع تائين تعليم حاصل ڪيائين ۽ 1949ع ۾ ”برڪلي يونيورسٽي“ ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان سياست جي علم ۾ ”آنرز“ جي ڊگري حاصل ڪيائين. برڪلي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم ختم ڪرڻ کانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم لاءِ پهتو جتان هن قانون ۾ ايم اي (آنرز) جي ڊگري حاصل ڪئي. انگلينڊ ۾ ئي ”لنڪنس ان“ مان بيريسٽريءَ جي سند وٺڻ کانپوءِ 1935ع ۾ پاڪستان موٽي آيو ۽ وڪالت شروع ڪيائين.

ذوالفقار علي ڀٽي ان زماني ۾ ”سنڌي يوٿ فرنٽ“ جي محاذ تان ننڍڙا ننڍڙا ڪتابڙا لکڻ شروع ڪيا. سندس لکڻين ۾ ايڏو زور ۽ دليل هوندو هو جو هر ڪو واهه واهه ڪرڻ لڳو.

1957ع ۾ کيس گڏيل قومن جي اداري ۾ پاڪستاني وفد سان موڪليو ويو. هن جي تقريرن نه رڳو پاڪستان بلڪ دنيا جي ننڍن ننڍن ۽ غيراهم ملڪن کي اهو احساس ڏياريو ته ننڍو ملڪ هجڻ ڪا گهٽ ڳالهه ڪانهي. گڏيل قومن ۾ هنن جي حيثيت به اها آهي جيڪا وڏن ملڪن ۽ وڏين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طاقتن آمريڪا، روس، چين، برطانيا ۽ فرانس جي آهي، ۽ اهو به ته سامراجي طاقتن کان آزادي حاصل ڪرڻ وارا ملڪ به پنهنجو پاڻ آزاد، عزتدار ملڪن طور پاڻ مڃائي سگهن ٿا.

1958ع ۾ ايوب خان سياستدانن جي ڪمزورين ۽ پيچ ڏاهه جي فيصلن ڪري عوام ۾ ڦهليل مايوسيءَ جو فائدو وٺندي مارشل لا لاڳو ڪئي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي کي پرڏيهي وزير مقرر ڪيائين.

پرڏيهي وزير طور ڀٽي صاحب نه رڳو پاڪستان کي سامراجي اثر کان آجو ڪري روس ۽ چين سان لاڳاپا قائم ڪيا، پر سندس سڀ کان نمايان خدمت اها هئي ته هن ٽين دنيا جي ملڪن سان خاص طور اسلامي ملڪن سان، پاڪستان جي لاڳاپن کي هڪ نئون، مستقل ۽ پائيدار بنياد فراهم ڪري ڏنو. اهي ئي لاڳاپا ۽ تعلقات آهن، جيڪي هن وقت به پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو مکيه ۽ سڀ کان اهم حصو آهن.

1965ع واري پاڪ-ڀارت جنگ جي نتيجي ۾ ڀٽي صاحب جا ايوب خان سان اختلاف ٿيا. نتيجي ۾ هن ايوب خان جي وزارت تان استعيفيٰ ڏئي، 1967ع ۾ باقاعدي پنهنجي الڳ سياسي پارٽي ناهي، جنهن جو نالو رکيائين: ”پاڪستان پيپلز پارٽي“ هن ان نئين جماعت جا هي چار بنيادي متا مقرر ڪيا:

* اسلام اسان جو دين آهي.
* جمهوريت اسان جي سياست آهي.
* سوشلزم اسان جي معيشت آهي.
* طاقت جو سرچشمو عوام آهي.

1971ع جي عام چونڊن ۾ اولهه پاڪستان ۾ ڀٽي جي پيپلز پارٽي کي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ٿي.

ساڳئي سال ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لڙائي ڇڙي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان ڇڄي بنگلاديش بڻجي ويو. 16 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستاني فوجن هٿيار ڦٽا ڪيا.

پاڪستان سموري دنيا ۾ اڪيلو رهجي ويو هو خود دوست ملڪن به حمايت ۽ مدد ڪرڻ کان جواب ڏنو پر جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي اقوام متحده ۾ بين الاقوامي قانون جي حڪمراني ۽ احترام جي ڳالهه ڪئي ته اهي ئي ملڪ جيڪي پاڪستان جي حمايت تان هٿ ڪڍي ويا هئا، تن وري هڪ ڀيرو ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ پاڪستان جي حمايت جو اعلان ڪيو. هوڻ جو هندستان اولهه پاڪستان تي به قبضي جي رٿابندي ڪري رهيو هو تنهن کي علي الاعلان چيائين: ”خبردار! اسين بين الاقوامي قانون جي بي حرمتي برداشت نه ڪنداسون“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪي ايراضيءَ جا پنج هزار ميل وڃائڻ ڪانپوءِ ڪوشش ڪئي وئي تہ هن ملڪ کي هڪ نئين آئين هيٺ اڳتي هلائجي. انهن حالتن ۾ ڀٽي صاحب ملڪ جون واڳون سنڀاليون.

ماضيءَ ۾ جمهوريت ۽ لوڪ راڄ کي، عوام کي ۽ عوام جي چونڊيل نمائندن کي صحيح بنياد تي ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويو هو. ان جو فقط هڪڙو ئي علاج هو تہ ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني ٿئي. ان لاءِ ضروري هو تہ ملڪ ۾ ڪو آئين هجي، جنهن تي ملڪ جي اڪثر طبقن جي يڪراءِ هجي. ان ڏس ۾ ڀٽو صاحب پارليامينٽ يعني قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ان آئين کي يڪراءِ منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اهو آئين ملڪ جي لاءِ تہ ڪارگر ثابت ٿيو پر پاڪستان ۾ شامل قومن کي پنهنجي حقن جي لاءِ ان آئين تي اعتراض هئا.

سندس ٻيو قدم هو تعليم جي نظام ۾ انقلابي تبديلي. هن جي اچڻ کان اڳ چڱي تعليم فقط شاهوڪارن جي ٻارن لاءِ مخصوص ٿي وئي هئي. ڀٽي صاحب تعليم کي قومي بنياد ڏيڻ لاءِ سمورا تعليمي ادارا قومي ملڪيت ۾ آندا ۽ مفت تعليم جو نظام قائم ڪيو.

ذوالفقار علي ڀٽي جو ٽيون وڏي ۾ وڏو بنيادي سڌارو هو مزدورن ۽ پورهيتن جو ٻچاءُ ۽ سندس زندگي ۾ بهتري آڻڻ جو نظام. مزدورن کي پنهنجون جماعتون ٺاهڻ ۽ مالڪن سان ڳالهيون ڪري پنهنجي حقن جي بچاءَ ڪرڻ جو اختيار ڏيڻ لاءِ بہ قانون لاڳو ڪيا ويا.

ڀٽي صاحب زرعي سڌارا بہ لاڳو ڪيا. جن مطابق ڪنهن بہ زميندار کي مقرر حد کان وڌيڪ زمين رکڻ جو حق نہ هو. هارين تي ٻج ۽ پاڻيءَ جي خرچ جي جيڪا چٽي هئي سا بہ زميندارن تي آئي ۽ ايئن صدين جو مدي خارج ۽ ظالماڻو بٽئي جو نظام تبديل ٿيو.

پر سڀ کان وڌيڪ ڪامياب رٿابندي ڀٽي صاحب پرڏيهي پاليسيءَ کي درست ڪرڻ لاءِ ٿاهي. پاڪستان جي شروعاتي دور ۾ ان جو جهڪاءُ آمريڪا طرفان ٿيو ۽ ڀٽي صاحب ان پاليسيءَ کي قائم رکڻ سان گڏ هن پنهنجي پرڏيهي پاليسي صحتمند اصولن تي قائم ڪرڻ لاءِ ٽين دنيا، اسلامي دنيا ۽ قومي آزادين لاءِ وڙهندڙ دنيا سان ويجهڙائي قائم ڪئي.

1974ع ۾ ڀٽي صاحب بين الاقوامي سطح تي سموري اسلامي دنيا جي ڪانفرنس لاهور ۾ ڪوٺائي. بين الاقوامي اسلامي ڪانفرنس هڪ اهڙو ڪارنامو هو جنهن کيس هڪ ممتاز حيثيت ڏيئي ڇڏي ۽ کيس بين الاقوامي سطح تي اسلامي دنيا ۽ ٽين دنيا جي قابل احترام اڳواڻ طور تسليم ڪيو ويو.

سندس دور جون چند ڪاميابيون ڏسبيون تہ حيرت لڳندي تہ ايتري ٿورڙي عرصي ۾ هڪ شڪست کاڌل ملڪ ڪيترو نہ اڳتي وڌي آيو.

※ هندستان سان شملا معاهدو ٿيو جنهن جي ذريعي پاڪستان کي پنج هزار ميل ايراضي



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندستاني فوج جي قبضي مان واپس مليءَ 90 هزار قيدي آزاد ٿيا.

* پاڪستان، اسلامي ڪانفرنس منعقد ڪري، اسلامي دنيا جي اڳواڻي حاصل ڪري ورتي.

* روس پاڪستان کي رُڪ جو ڪارخانو (Pakistan Steel Mills) لڳائي ڏنو جيڪو اڄ دنيا جي اهم ترين صنعتي ادارن مان هڪڙو آهي.

* فرانس پاڪستان کي ائٽمي ميدان ۾ ترقيءَ جو حقدار سمجهي، ائٽمي ري ايڪٽر ڏيڻ جو معاهدو ڪيو.

* سيٽو سينٽو ۽ ڪامن ويلٿ مان علحدگي جي ڪري پاڪستان غيرجانبدار تحريڪ جو هڪ احترام جوڳو رڪن بڻجي ويو جنهن جي هڪ هٿي هيل تائين هندستان کي حاصل هئي.

* بين الاقوامي ادارن: گڏيل قومن جي اداري، ورلڊ بئنڪ ۾ پاڪستان لاءِ حمايت پيدا ٿيندي وئي.

ڀٽي صاحب جي ڪاميابين سان گڏ سندس ناڪاميون بہ هُن جي لاءِ هڪ سوال بڻيل رهيون. هو جاگيرداريت ۽ غلاميءَ جي بڇن شڪلين کي ان ڪري ختم نہ ڪري سگهيو جو اهي اليڪشن ۾ سياسي ضرورت جون شيون هيون. اهڙي طرح 73ع جي آئين ۾ پاڪستان ۾ شامل قومن جي قومي حقن سان ويساهہ گهاتي ٿي ۽ ملڪيتن جا حق سڄي ملڪ جي ماڻهن لاءِ عام ڪيا ويا. اهڙي طرح ڀٽو صاحب سوشلزم جو پروگرام عملي طرح نافذ ڪرڻ ۾ بہ ناڪام رهيو.

جناب ڀٽي 1976ع ۾ نئين چونڊن جو اعلان ڪيو ۽ 1977ع ۾ جڏهن اهي چونڊون ٿيون تہ مخالف ڌر وارن انهن چونڊن ۾ ڌانڌلي جو بهانو بنائي ملڪ گير تحريڪ هلائي. پوءِ ان کي بنياد بنائي ان وقت جي فوجي ڪمانڊر جنرل ضياءُالحق راتاهو هڻي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو.

ذوالفقار علي ڀٽي کي گرفتار ڪري، مٿس هڪ عام ڏوهاريءَ جيئن خون جو ڪيس هلايو ويو. اهو ٻڌايو ويو تہ ڪجهہ سال اڳ جناب ڀٽي جي هُشيءَ تي ڪن ماڻهن هڪ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر جي پيءُ کي مارائي ڇڏيو هو. ان ڪيس ۾ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي وئي جنهن جي خاتمي لاءِ عالمي اڳواڻن، مشهور مدبرن ۽ حڪومتن جي سربراهن، جنرل ضياءَ کي اپيلون ڪيون، پر هن اهي سڀ رد ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ 4 اپريل 1979ع تي رات جي اونداهيءَ ۾ جنرل ضياءَ جي حڪم تي جناب ڀٽي جي زندگيءَ جو ڏيئو گل ڪيو ويو.

مرتب : علي حسن چانڊيو



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book